ماهرن مطابق هر زنده ٻولي، بزرگن کان ٻارن تائين منتقل ٿيندي آهي ۽ اهي ئي هر قسم جي روايتن کي اڳيان کڻي وڌندا آهن.

# دنيا مان ٻولين جي ختم ٿيڻ جو سلسلو تيز: 2 هزار 473 زبانون خطري هيٺ!

الهہ بخش راٺوڙ

گڏيل قومن جي اداري يونيسڪو هن ڀيري دنيا مان ختم ٿيندڙ ٻولين کان وڌيڪ ان ڳالهہ تي زور ڀريو آهي تہ دنيا ۾ آيل ٽيڪنالوجي ۽ سماجي قدرن جي تبديل ٿيڻ ڪانپوءِ گهڻ لساني تعليم ضروري آهي. يونيسڪو جو 2023 جو نعرو آهي، ”گهڻ لساني تعليم _ تعليم کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت“ (Multilingual Education : A Necessity To Transform Education) .

عالمي سطح تي جيترين بہ ٻولين ڳالهايون يا لکيون وڃن ٿيون، انهن جي 40 سيڪڙو آباديءَ کي تعليم حاصل ڪرڻ تائين نہ صرف رسائي ناهي، پر اهي تڪرارن وارن علائقن ۾ رهن ٿا.

عالمي سطح تي جاري ٿيل انگن اکرن مان خبر پوي ٿي تہ 7 هزار ٻولين مان انهن جا ايشيا ۾ 33 ۽ آفريقا ۾ 30 سيڪڙو ڳالهائيندڙ رهن ٿا. هينئر جن ٻولين کي وڌيڪ خطرو درپيش آهي، انهن ۾ اوپر سائبيريا، سينٽرل سائبيريا، اتر آسٽريليا، سينٽرل آمريڪا، اتر اولهہ پيسفڪ، اوڪلاهاما ۽ ڏکڻ آمريڪا جا ملڪ شامل آهن. هينئر سڀ کان وڌيڪ خطري هيٺ آيل ٻولين ۾ انڊونيشيا سيني کان اڳيان آهي. يونيسڪو مطابق اتان جا ٻار مڪاني زبانون نٿا ڳالهائين. ماهرن مطابق جيڪڏهن 500 آبادي بہ ڪا زبان ڳالهائي ٿي ۽ اتان جا ٻار پرائمري تعليم ان ۾ حاصل ڪن ٿا تہ، اها زبان بہ بچي سگهي ٿي.



illustration by kaptan abro

هيءَ آبادي لڏپلاڻ ڪري اهڙي ديس ۾ رهي ٿي، جيڪا ٻارن لاءِ اڻ ڄاڻ آهي ۽ ٻار اتان جي ٻولي بہ نٿا سمجهن. يونيسڪو جو خيال آهي تہ ماءُ جي ٻولي کي تہ تسليم ڪجي ٿو، پر جيڪڏهن عالمي مقصد حاصل ڪرڻا آهن ۽ ترقيءَ جون منزلون طئي ڪرڻيون آهن تہ پوءِ ”گهڻ_ٻولي تعليم “ کي اهميت ڏيڻي پوندي. اهي ٻار جيڪي ”گهڻ_ثقافتن“ جي گهيري ۾ آهن، انهن جي تعليم جي ذريعي کي بہ ان مطابق متعارف ڪرائڻو پوندو. يونيسڪو جو چوڻ آهي تہ، گهڻ لساني تعليم ڏيڻ وقت ماءُ جي زبان تائين ٻار جي پهچ کي بہ يقيني بڻائڻو پوندو. هينئر ڪيترن ئي ملڪن ۾ اقليتي گروپ ۽ ڌرتيءَ ڌڻي يا ديسي ماڻهن جو زبانون موجود آهن، جن کان انڪار ڪري نٿو سگهجي.

جاري ڪيل انگن اکرن مطابق دنيا ۾ 7 هزار ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، جن مان 50 سيڪڙو صرف 8 ملڪن ۾ آهن. انهن ملڪن ۾ ڀارت، برازيل، ميڪسيڪو، آسٽريليا، انڊونيشيا، نائيجيريا، پاپا نيوگني ۽ ڪيمرون شامل آهن. عالمگيريت، وڏي پيماني تي هجرت يا لڏپلاڻ، ثقافتي تبديلي، جديد بيٺڪي راڄ ۽ نسلي بنيادن تي قتل عام ٻولين جي ختم ٿيڻ جا مک سبب آهن.

لسانيات جي ماهرن جو خيال آهي تہ، سن 2100 تائين 50 کان 90 سيڪڙو اهڙيون ٻوليون هونديون، جن جي ختم ٿيڻ جو تمام گهڻو خطرو آهي. انهن ۾ اهي ٻوليون بہ شامل آهن، جن جي ڳالهائيندڙن جو تعداد 10 هزارن تائين مس آهي. دنيا ۾ 0.2 سيڪڙو ٻوليون دنيا جي اڌ آبادي ڳالهائي ٿي، جڏهن تہ 4 سيڪڙو آبادي 95 سيڪڙو ٻوليون ڳالهائي ٿي. جن ٻولين ڳالهائيندڙ لوڪن تي ٻاهريون دٻاءُ يا ڌارين جي آمد وڌيڪ هوندي تہ مڪاني زباني کي وڌيڪ خطرو ٿيندو، جيئن سنڌ آهي. ان سان گڏ جيڪڏهن ٻار پنهنجي ماءُ جي زبان نہ ڳالهائيندا تہ ان سان بہ ٻوليءَ جي ختم ٿيڻ جو عمل تيز ٿي ويندو.

عالمي سطح تي جاري ٿيل انگن اکرن مان خبر پوي ٿي تہ 7 هزار ٻولين مان انهن جا ايشيا ۾ 33 سيڪڙو ۽ آفريقا ۾ 30 سيڪڙو ڳالهائيندڙ رهن ٿا. هينئر جن ٻولين کي وڌيڪ خطرو درپيش آهي، انهن ۾ اوپر سائبيريا، سينٽرل سائبيريا، اتر آسٽريليا، سينٽرل آمريڪا، اتر اولهہ پيسفڪ، اوڪلاهاما ۽ ڏکڻ آمريڪا جا ملڪ شامل آهن. هينئر سڀ کان وڌيڪ خطري هيٺ آيل ٻولين ۾ انڊونيشيا سيني کان اڳيان آهي. يونيسڪو مطابق اتان جا ٻار مڪاني زبانون نٿا ڳالهائين. ماهرن مطابق جيڪڏهن 500 آبادي بہ ڪا زبان ڳالهائي ٿي ۽ اتان جا ٻار پرائمري تعليم ان ۾ حاصل ڪن ٿا تہ، اها زبان بہ بچي سگهي ٿي.

يونيسڪو ٻاران خطري هيٺ آيل عالمي ٻولين جي جاري ڪيل ايٽلاس مطابق 2 هزار 473 زبانون خطري هيٺ آهن. اهي ملڪ جتي جنگ ۽ نسلي ويڙهہ آهي، اتي بہ ٻوليون خطري هيٺ آهن.

يونيسڪو هر سال جيڪو هيءُ مادري ٻولين جو ڏينهن 21 فبيروري تي سڄي دنيا ۾ ملهائيندو رهي ٿو، ان ڏينهن جي شروعات سن 2000ع کان پوري دنيا ۾ ٿي.

ٻوليءَ جي لحاظ کان دنيا جي 8 ارب آباديءَ کي 6 هزار گروهن (Communities)۾ ورهائي سگهجي ٿو، جن مان وڏي ۾ وڏو چيني ڳالهائيندڙن جو گروهہ آهي، جنهن ۾ 90 ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو شامل آهن. اهي پوري دنيا جي ماڻهن جو اٽڪل ڇهون حصو آهن. ان کان پوءِ 30 ڪروڙ انگريزي ۽ 30 ڪروڙ اسپيني ٻولين ڳالهائيندڙ لوڪ آهن. اڌ درجن کن اهڙن گروهن جون ٻوليون آهن، _جن_ جا ڳالهائيندڙ 5 هزارن کان بہ گهٽ آهن. هزار کن ٻوليون اهڙيون بہ آهن، جن جا باقي ڪي درجن کن ڳالهائيندڙ بچيا هوندا ۽ اهي خطري ۾ آهن.

ماهرن مطابق هر زنده ٻولي، بزرگن کان ٻارن تائين منتقل ٿيندي آهي ۽ اهي ئي هر قسم جي روايتن کي اڳيان کڻي وڌندا آهن. زندگيءَ وانگر ٻوليون بہ مسلسل تبديليءَ جي عمل مان گذرنديون رهن ٿيون. ڪنهن بہ ٻوليءَ جي تاريخ دراصل ان جي ڳالهائيندڙن جي تاريخ هوندي آهي. انسانذات سان گڏ وجود ۾ آيل آوازن، نشانين ۽ علامتن جو هڪ اهڙو نظام آهي ۽ هڪ اهڙي تنظيم ۽ عمل آهي، جنهن جي مدد سان هڪ سماجي گروهہ جا ماڻهو هڪ ٻئي سان وهنوار رکن ٿا.

دنيا جي ٻولين جي ورهاست ٻن بنيادن تي ڪري سگهجي ٿي: هڪ نسلي طور (جينيٽڪ) يا ساخت جي هڪجهڙاين جي بنياد تي. نسلي طور تي ڪيل ورهاست ۾ اهي سڀ ٻوليون، جيڪي ڪنهن هڪ ماءُ ٻوليءَ مان نڪتيون هجن، هڪ هنڌ رکيون آهن، جنهن ۾ ٻولين جي قدامت جا رڪارڊ جانچيا آهن ۽ اصلوڪين ٻولين (Proto-languages)جي جوڙجڪ ذريعي نتيجا ڪڍيا آهن، جڏهن تہ ٻولين جي ساخت جي هڪجهڙاين يعني گرامر جي هڪجهڙائيءَ بابت ڪا واضح ورهاست هن وقت تائين ڪانہ ڪئي وئي آهي، البت هڪ پيرو ٻوليءَ جو اصل نسل معلوم ڪري پوءِ گرامر واري ساخت جي بنياد کي بہ ان سان لاڳو ڪري سگهجي ٿو. انهن اصولن موجب ٿلهي ليکي ٻولين کي ڪيترن ئي گروهن ۾ ورهايو ويو آهي.

هند_يورپي (انڊويورپين ): ڪل 9 اهڙين ٻولين مان 7 ٻوليون يورپ ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون، مثلاً: يوناني، ڪئلٽڪ ۽ بالٽڪ وغيره. ڏکڻ ايشيا جي ٻولين جي نسلي ورهاست ۾ پاڪ_ هند نندي کنڊ ڪانسواءِ نيپال، سڪم ۽ ڀوٽان وغيره جون ٻوليون ٻن گروهن ۾ ورهايون وڃن ٿيون. هند آريائي (انڊو آرين) ۽ ايراني، جيڪا هند يورپيءَ جي هند ايراني گروهہ جي ٻولي آهي. هن خطي ۾ ڪجهہ اصلوڪيون ٻوليون، ڪجهہ دراوڙي ۽ کي ايڪڙ ٻيڪڙ ٻيون (بروشسڪي وغيره) ۽ چين، تبت جون ٻوليون اڇي وڃن ٿيون .

سرڪاري انگن اکرن کي ڏٺو وڃي تہ پاڪستان ۾ وڏ کان وڏ پنجابي زبان ٻهرين، پشتو ٻئي، سنڌي ٽئين، سرائيڪي چوٿين، اردو پنجين ۽ بلوچي ڇهين نمبر تي ڳالهائي وڃي ٿي. ان ڪانسواءِ پوٺوهاري ۽ ڪشميري زبانون بہ ڳالهايون وڃن ٿيون. اسان وٽ ڪيلاش، براهوي، هندڪو، ڍاٽڪي ۽ فارسي بہ ڪجهہ حصن ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. 1998ع جي آدمشماريءَ مطابق ملڪ ۾ 44 سيڪڙو ماڻهو پنجابي، 16 سيڪڙو پشتو، 14 سيڪڙو سنڌي، 12 سيڪڙو سرائڪي، 8 سيڪڙو اردو ۽ 4 سيڪڙو بلوچي ڳالهائين ٿا. جيڪڏهن 1953ع کان وٺي ڏٺو وڃي تہ ان وقت پنجابي ڳالهائيندڙ 23 سيڪڙو هئا، جيڪي 1965ع ۾ 77 سيڪڙي جي لڳ ڀڳ ٿي ويا. اهڙي طرح 1986ع جي آدمشماري ۾ پنجابي ڳالهائيندڙن جو تعداد 59 سيڪڙي تائين گهٽجي ويو ۽ 1998ع جي آدمشماري ۾ وري اهو انگ وڌيڪ گهٽجي 44 سيڪڙي تائين ٿي ويو.

اها سوچڻ جهڙي ڳالهہ آهي تہ 1965ع کانپوءِ 40 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ پنجابي ڳالهائيندڙ پنهنجي صوبي مان گهٽجي ويا. ان مان ڪيترائي سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا ۽ ڪي وري پرڏيهہ هليا ويا. ان ڪانسواءِ پشتو ڳالهائيندڙن جو 1953ع ۾ تعداد سوا ڏهہ سيڪڙو هو، جيڪو 1965 جي آدمشماري تحت 13 سيڪڙو، 1986ع جي آدمشماري مطابق سوا چوڏهن سيڪڙو ۽ 1998ع مطابق اٽڪل 21 سيڪڙو ٿي ويو. اهڙي طرح 1998ع ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد 14 سيڪڙو، جڏهن تہ 2008ع تائين اهو تعداد وڌي ڪري 14.12 سيڪڙو ٻڌايو وڃي پيو. اهڙي طرح سرائڪي ڳالهائيندڙ 1986ع ۾ 10 سيڪڙو هئا، جيڪي 1998ع تائين ساڍا ڏهہ سيڪڙو ٿيا.

پاڪستان ۾ 1953ع ۾ بلوچي ڳالهائيندڙ 3 سيڪڙو هئا، جيڪي 1965ع تائين گهٽجي 2.59 سيڪڙو ۽ 1986ع ڌاري 3 سيڪڙو ۽ 1998ع تائين بلوچي ڳالهائيندڙن جو تعداد 3.57 سيڪڙو ٿي ويو.

جيڪڏهن انگن اکرن تي نظر ڊوڙائي وڃي تہ ملڪ ۾ 2008ع تائين پنجابي ڳالهائيندڙن جو تعداد 7 ڪروڙ 63 لک 67 هزار، پشتو ڳالهائيندڙ 2 ڪروڙ 67 لک، سنڌي ڳالهائيندڙ 2 ڪروڙ 44 لک، سرائڪي ڳالهائيندڙ هڪ ڪروڙ 80 لک، اردو ڳالهائيندڙ هڪ ڪروڙ 31 لک، بلوچي ڳالهائيندڙ 62 لک ۽ ٻيون زبانون ڳالهائيندڙ 8 لک ظاهر ڪيا ويا، جيڪي مجموعي طور تي 17 ڪروڙ 29 لک ٿيا ٿي.

ڀارت ۾ جيڪو 22 سرڪاري زبانن جو شيڊيول آهي، انهن ۾ هندي، انگلش، آسامي، بنگالي، بوڊو، ڊوبري، گجراتي، هندي، ڪاناڊا، ڪشميري، ڪونڪڻي، ميٿيلي، ملايم، ميراٺي، ميتيئي، نيپالي، اوريا، ايسٽرن پنجابي، سنسڪرت، سنڌي، تامل، تلگو ۽ اردو سرڪاري زبانون آهن.

اسان وٽ پڻ سنڌي ٻوليءَ کي پاڪستان جي آئين ۾ قومي يا سرڪاري ٻولي جو درجو ڏيڻ لاءِ سنڌ اسيمبليءَ بل منظور ڪيو هو، پر ان تي اڃا عمل ناهي ڪيو ويو. سنڌ جي ماڻهن جو اهو پراڻو مطالبو آهي تہ پاڪستان ۾ آباد سمورين قومن جي ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي، ان سان اهي ٻوليون ترقي بہ ڪنديون تہ ملڪ اندر ٻوليءَ جي ڊائورسٽي کي وڌيڪ سگهہ ملندي. ■